# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1998

# SINDH ORDINANCE NO. VIII OF 1998

# سنڌ ايرڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1998

# THE SINDH ARID ZONE DEVELOPMENT AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1998

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1985 جي سنڌ ايڪٽ II جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of Sind Act 11 of 1985

3. 1985 جي سنڌ ايڪٽ II جي دفعہ 5 جي ترميم

Amendment of Section 5 of Sindh Act II of 1985

4. 1985 جي سنڌ II جي نئين دفعہ 13_A جي داخلا

Insertion of new section 13_A in Sindh Act II of 1985

# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1998

# SINDH ORDINANCE NO. VIII OF 1998

# سنڌ ايرڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1998

# THE SINDH ARID ZONE DEVELOPMENT AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1998

[12 آڪٽوبر، 1998]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ايرڊ زون ڊولپمنٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1985 قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جڏهن تہ سنڌ ايرڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1985 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جنهن طريقي سان ان ڪانپوءِ ظاهر ٿئي ٿو.

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن ڪي استعمال

۾ آٽيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ايرڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1998 چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

1985 جي سنڌ ايڪٽ II جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sind Act 11 of 1985

2. سنڌ ايرڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1881 ۾ دفعه 2 ۾، ان کانپوءِ جاٽايل ايڪٽ جو حوالو ڏنو ويو آهي-

(i) شق (i) ۾ سيمي ڪولن کان پهريان "۽ وائيس چيئرمين" جا الفاظ شامل ڪيا ويندا؛

(ii) شق (m) کانپوءِ ، هيٺ جاٽايل نئين شق جو واڌارو ڪيو ويندو:-

"(n) "وائيس چيئرمين" مان مراد اٿارٽيءَ جو وائيس چيئرمين آهي."

1985 جي سنڌ ايڪٽ II جي دفعه 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act II of

3. جاٽايل ايڪٽ ۾ دفعه 5 ۾-

(i) جاٽايل دفعه (1) ۾ لفظ "چيئرمين" ۽ لفظ "۽" ڪاما ۽ لفظن جي وچ ۾، هڪ وائيس چيئرمين جو صوبائي اسيمبلي جو ميمبر هوندو، داخل ڪيو ويندو؛

(ii) جاٽايل دفعه (1) کانپوءِ ، هيٺيون نئين دفعه داخل ڪئي ويندي:-

"(1-A) وائيس چيئرمين جي آفيس کل وقتي آفيس نه

| | |
|---|---|
| 1985 | هوندي، جنهن جو معاوضو پگهار يا فيس جي حساب سان ڏنو ويندو آهي.“ |
| 1985 جي سنڌ II جي نئين دفعہ 13_A جي داخلا<br>Insertion of new section 13_A in Sindh Act II of 1985 | 4. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 13 کانپوءِ، هيٺ ڄاڻايل نئين دفعہ داخل ڪئي ويندي:_<br>”13_A. وائيس چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم.<br>وائيس چيئرمين اهڙيون ذميواريون ادا ڪندو ۽ اهڙو ڪم سرنجام ڏيندو جيڪو ان کي چيئرمين ڏيندو.“ |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**